# چونڊ شاعري

## رسول بخش پليجو

جهان کي ڏيو مبارڪون
قول پاري
چلڪٽا لانگ بوٽ
اوهانجي پڇاڻان

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

# جهان کي ڏيو مبارڪون

☆

جهان کي ڏيو مبارڪون اسين پيا ڪاهيندا اچون،
نون سرن ۾ زندگيءَ جا گيت ڳائيندا اچون،
نئين زمين تي هڪ نئون جهان بنائيندا اچون،
نئين جهان ۾ ڌام ڌوم ساڻ چائيندا اچون.

حيات جو هيءُ حڪم آ ته ڊاهيو پوءِ ٺاهيو،
دٻاءَ ڦر رهزنيءَ جا ڪيل سڀ بگاڙيو،
خزان کي جو پناهه ڏي سو باغ ئي اُجاڙيو،
خزان سان گڏ خزان جو گهر به پيا جلائيندا اچون.

اجهو هو نڪتو ڀڪندڙ جلوس آفتاب جو،
پيو آ ليڙون ليڙون ٿيو ڪفن انڌيري رات جو،
نشان نظر اچي پيو صاف منزل نجات جو،
۽ ٻوڏ وچ جيان وڌي پيو قافلو حيات جو،
قيامتون قيامتن پنيان اُٿاريندا اچون.

جو سج آسمان تي هو زمين تي جڳمڳائيندو،
۽ چنڊ پڻ لهي اچي قدم تي سر جهڪائيندو،
بهشت جنتن جو خواب نيٺ رنگ لائيندو،
بهار نيٺ مرڪندو ۽ حسن گيت ڳائيندو،
اتو ته آسمان کي زمين تي لاهيندا اچون.

⌘⌘

(1962ع ۾ لکيل)

# قول پاري

تو وري شوق شهادت جو أتاري ڇڏيو،
تو وري ديس جي هر دل کي ڏُتاري ڇڏيو،
تو وري ڏاڍَ جي ڌڪاءَ کي ڏاري ڇڏيو،
سهڻيءَ جيان سير گهڙئين، سهڻا! تون سر کي گهوري،
ڏيھ کي ڏان ڏنو ڏياچ! تو ڪنڌ کي ڪوري.

تو کي ڏاهر، تو کي دودو ٿا چون پيا: ”شابس!“
هوشو، هيمون ۽ بلاول ۽ دولھ ”شابس!“
شاھ عنايت ۽ سچل، شاھ پٽائي ”شابس!“
۽ هوءَ مارن سندي ٿر - ڇائي ٻہ: ”شابس! شابس!“
قول پاري، تو ملهايون پنهنجون ست سئو پيڙهيون،
ڳاٽ اوچا ڪري هلنديون تنهنجون سهسين پيڙهيون.

سانگين جي لئہ سازش جڏهن تيار ڪندو،
ڪوئي آمر، ڪوئي جابر، ڪوئي غدار، گندو،
جڏهن خودداري ۽ غيرت کي ڪو للڪار ڪندو،
سچ ۽ سونهن تي، مظلوم تي، ڪو وار ڪندو،
سهڻا سورهيہ! وٺي نالو تنهنجو، ڪونتر ڪُڏندا،
سچ ۽ سونهن تان، سورهيائيءَ سان، سر گهور ڪندا.

۽ جڏهن ڪارا ڪري ڪيس هو ڪڪريون ايندريون،
۽ مٺي ملڪ مٿان مَهر جون بوندون وسنديون،
۽ جڏهن روح جي وادين مان اداسيون وينديون،
۽ جڏهن ديس جي گلشن ۾ بهارون ايندريون،
تون ٽڙيل هوندين، منا! جهنگ ۽ بر ٿر ۾ گلن جان،
تون ڪڙيل هوندين، سڄڻ! چنڊ جان، هر دل جي اڱڻ تان.

☆☆

(سينٽرل جيل سکر، 20 اپريل 1979ع)

# چلڪڻا لانگ بوٽ

☆

نہ! تنهنجي منهنجي بوٽن کي بہ،
ههڙو صاف ۽ چلڪڻو بڻائڻ لاءِ،
ههڙي پالش بازار مان ڪانہ ملندي
اها پالش
جنهن هنن لانگ بوٽن تي لڳل،
هيڏين صدين جي غلاضت
۽ هيترن نسلن ۽ هيترين قومن جي
رت جا داغ ڌوئي
کين ههڙو صاف ۽ چلڪڻو ڪيو آهي.
سا دنيا جي ڪنهن بہ ڪارخاني ۾ ڪانہ تي نهي سگهي
اهو هڪ گهرو هنر آهي
رات پيٽ ۾ يا ڏينهن ڏٺي جو
هنن کي چٽي،
ههڙو صاف ۽ چلڪڻو رکن ٿيون
تو مون جهڙن ماڻهن جون زبانون.
هي اُهي ڪاريگر زبانون آهن،
جيڪي ڪالهہ
تو مونسان گڏ،
جلسن جلوسن ۾، ٿاڻن ۽ بند واردن ۾،
قوم ۽ ڌرتي دين ۽ مذهب،
۽ جمهوريت ۽ سوشلزم جا،

اپ ڏاريندڙ نعرا هڻي
اقتدار جي ايوانن کي ڏڪائيندڙ هيون،
۽ جيڪي سياڻي وري به، اهي ئي نعرا هڻي،
پاڻ ۾ گهربل تاثير پيدا ڪري پرپئن وري اچي،
رات پيٽ ۾، يا ڏينهن ڏني جو،
هنن کي چٽي ڀتو صاف ۽ چلڪٽو رکڻ
جي ڪاريگريءَ جي ڪرت ۾ جُنبي ويندا هئا.

☆ ☆

# اوهانجي پچاڻان......

اڄ وري بہ موسم بدلجي پيئي،
وري بہ ڏينهن ننڍا ۽ راتيون وڏيون ٿيڻ لڳيون آهن،
رات پنهنجي سينڌ ۾ تارا ڪتيون ۽ چنڊ پيئي سجائي،
ڳوٺ ۽ وستيون، شهر ۽ بازاريون اُهي ئي آباد آهن.

هميشہ وانگر هر هنڌ ٻار آهن،
ڪي رويو رڙيو وريو کلن کُڏن پيا،
مائرن جون اکيون اهي ئي پابوهہ، قرب ۽
فخر پريل اٿاهہ پيار سان ٽمٽار آهن.
اڄ بہ ڌرتيءَ جي هر شيءِ ۽ هر نظاري
مان سونهن سڏ پيئي ڪري.
درين جي سيرن، بيڪڙيل درن، اڱڻن ۽ ڇتين تان،
پنڊن، پيچرن، پيهن ۽ ڪوهن تان
ڏڳي گاڏين، بسن ۽ ريلن جي گاڏن منجهان.
اڄ بہ پيار جون سڪون، سرمستيون ۽ سوڀون سوايون آهن،
اڄ بہ بي وفائي ۽ وڇوڙي ۽ پڇتاءَ
جا نانگ سينن تي سرن پيا.

اڄ بہ،
مظلوم ماڻهو، قومون ۽ ملڪ،
سمورا کنڊ، سڄي ڌرتي، سموري انسان ذات
جڳ ۾ ڦرلٽ، ظلم ۽ اوندهہ انڌڪار مچائيندڙ

وحشي آدمخورن سان
ٻڪين پيل آهن.

اڄ ٻہ،
حق ۽ انصاف، سونهن ۽ سچ پاران
محنتون، مُڙسيون ۽ ويڙهيون ڪرڻ وارن
سورهين جي،
سُرخرو ۽ سوڀارن ڪارنامن جي سڳنڌ
ولايتون واسي سڄي سنسار کي سرهو
پيئي ڪري.
”اڄي آريءَ ڄام جو وڻ منجهان واس.“

اڄ ٻہ،
پنهنجي وطن جا عوام، سڄي جهان جا عوام،
پختي ارادي ۽ اٽل يقين سان،
ڪڏهن آهستي آهستي، ڪڏهن وڏا وڏا چال ڏيئي،
ڪئين لاهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن مان لنگهي،
پنهنجي روشن ۽ شاندار آئيندي ڏانهن وڌي رهيا آهن.
اڄ، اوهان جي پڇاڙتان ٻہ،
دنيا اهڙي ئي رنگين، روشن ۽ اسرارن سان
پريل نت نئين، سدائين بدلجندڙ ۽ سدائين
پياري ۽ نياري آهي،
جهڙي اڳ،
اوهان جي هوندي هئي.
آءٌ اڄ ٻہ سوچيان ۽ لوچيان، پڙهان ۽ لکان ٿو،
اڄ ٻہ ججهن سان گڏ پنهنجي مقصد لاءِ
پورهيا، ڪشالا ۽ ويڙهيون ڪريان ٿو،
اڄ ٻہ سنگتين سان گڏ قيد ڪاٽيان ٿو،
اڄ ٻہ پيار ۽ نفرت ڪريان ٿو،
اڄ ٻہ انهن کي چاهيان ٿو،

جن کي اڳ چاهيندو هوس.
گاهن، گلن ۽ وڻن کي، ٻارن ۽ مائرن کي،
سونهن ۽ پيار کي،
مسڪين ۽ مظلوم، محبوب ماروئڙن سان،
محبت ڪرڻ وارن، منجهن ويساهه رکڻ وارن،
سندن پاسو ۽ پٺ وٺڻ وارن، ساڻن توڙ
تائين پت پارڻ وارن،
شاعرن اديبن، عالمن، دانشورن، فنڪارن،
فيلسوفن، سائنسدانن ۽ سياسي رهبرن کي،
سڄي دنيا جي وطن دوستن، انقلابين،
حق پرستن ۽ مڙس ماڻهن کي،
سڄي ڌرتيءَ کي، سڄي انسان ذات کي . . . . .

اڄ به انهن کي ڌڪاريان ٿو
جن کي اڳ ڌڪاريندو هوس
بي رحمن، ظالمن کي، مفت خورن ۽ ڦوروئن کي
تعصبين ۽ مردارن کي،
پنهنجي وطن، پنهنجي قوم، پنهنجي عوام جي
ويرين کي،
سڄي دنيا جي سمورن وطنن، سمورين قومن ۽
سموري عوام جي ويرين کي.

اڄ به،
آءٌ ۽ هي دنيا،
اهڙائي آهيون،
جهڙا اڳ، اوهان جي هوندي.
پر ان هوندي به،
اوهان جي پڄاڻان،
الائي ڇو، الائي ڪيئن، الائي ڪيڏي مهل
هنئين جي ڪا ٽوٽي ڊهي پيئي،

وجود جو ڪو اندريون هڏ پڃي پيو،
”ويروتار ڏکن، سڄڻ پڳي هڏ جيئن!“

اوهان جي پڇاڙان
روح جي گهر ۾
هڪڙو اهڙو قضيو ٿي پيو
جنهن جي اڻ لکي خاموش ماتم ۾،
منهنجو من، ساهه جي پوئين پساهه تائين،
ڪفن ويڙهيو وتندو
نہ تہ هونئن، منهنجا پرين!
اڄ اوهان جي پڇاڙان بہ،
آئُون ۽ هيءَ دنيا،
اُهي ئي ساڳيا ۽ اهڙائي آهيون.

☆ ☆

(سهٽيءَ تان ورتل)

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books